# شانِ عثمانِ غني رضي الله تعالیٰ عنه



هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شانِ عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا شيخ ابوالحسن بِسطامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دُعا ڪئي تہ مون کي خواب ۾ ابُوصالح مُؤذن جي زيارت ٿي وڃي. منهنجي دُعا قبول ٿي ۽ هڪ رات مون انهن کي خواب ۾ تمام سُٺي حالت ۾ ڏٺو. مون انهن کان پڇيو: ”اي ابُو صالح! هتان جي ڪا خبر ڏيو.“ انهن جواب ڏنو: اي ابُو الحسن! جيڪڏهن مون سرڪارِ نامدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرودِ پاڪ جي ڪثرت نہ ڪئي هجي ها تہ آئون هلاڪ ٿي وڃان ها “

(القول البديع،الباب الثانی فی ثواب الصلاة علی رسول اللّٰه... الخ ،ص۲۶۰)

میرے اَعمال کا بدلہ تو جہنّم ہی تھا میں تو جاتا مجھے سرکار نے جانے نہ دیا

(سامانِ بخشش،ص۶۱)



www.dawateislami.net

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ”نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نِيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَـلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالي عَلي مُحَمَّد

1......(المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدي الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

آئون بہ نِيت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّكَ بِا لۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡ عِظَةِ الۡحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آیَة[2] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڏاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بي مثال واقعو:

مَنقول آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُمر بن خَطاب ۽ اَمِيرُالمؤمنين حَضرت سَيّدُنا عُثمَانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا سرڪارِ والاتَبار، شفيعِ روزِ شُمار صَلَّی اللہ

2... بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذڪر عن بني اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪنهن ڪم ۾ مشغول هئا تہ نمازِ عَصر جو وَقت ٿي ويو. حضرتِ سَيدُنا عُمر فَاروقِ اَعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن حضرتِ سَيدُنا عُثمَانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي اڳِتي ڪندي اِمامَت ڪرائڻ جو چيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن عَرض ڪيو: توهان اِن جا مون کان وڌيڪ حَق دار آهيو جو رَسُولُ اللهُ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن توهان کي مُقدَّم (اڳِتي) فرمايو ۽ توهان جي تعريف ڪئي. حَضرتِ سَيدُنا عُمر بن خَطّاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس ڇو جو مون سَرڪارِ مدينہ، قَرارِ قَلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي اِرشاد فرمائيندي ٻُڌو تہ: ”عُثمان ڪيڏو نہ سنو اِنسان آهي جو منهنجو نياٽو آهي ۽ منهنجي ٻن ڌيئرن جو گهروارو آهي، اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان ۾ منهنجو نُور جمع ڪيو آهي.“ حضرتِ سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس ڇو جو مون پياري نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: اللهُ عَزَّوَجَلَّ عُمر جي ذريعي اسلام کي مڪمل فرمايو. حَضرتِ سَيّدُنا عُمَر بن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس، ڇو جو مون سَرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: عُثمان کان فِرشتا بہ حَيا ڪندا آهن. حَضرَتِ سَيّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس ڇو جو مون پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: اللهُ عَزَّوَجَلَّ عُمَر جي ذَريعي دِين جي تڪميل فرمائي ۽ مسلمانن کي عزت بخشي. حَضرتِ سَيّدُنا عُمَر بن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس ڇو جو مون سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: عُثمان **قرآنِ پاڪ** کي جَمع ڪندو ۽ هي رَحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو محبوب آهي. حَضرَتِ سَيّدُنا عُثمانِ غَني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اڳِتي نہ وڌندس ڇو جو مون حُضُور



www.dawateislami.net

پُرنُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ: عُمر ڪيڏو نہ سُٺو اِنسان آهي جو بيواهن ۽ يتيمن جي سارسنڀال لهندو آهي، اُنهن جي لاءِ اُن وَقت ڪاڏو آڻيندو آهي جڏهن ماڻهو عالَمِ خواب (ننڊ) ۾ هوندا آهن. حَضرتِ سَيدُنا عُمَر بن خَطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: آئون توهان کان اِڳتي نہ وڌندس ڇو جو مون پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جَيشُ العُسرَہ (يعني غزوهء تَبُوڪ جو لشڪر) تيار ڪرڻ واري عُثمان جي مَغفرت فرمائي ڇڏي آهي. حضرت سَيدُنا عُثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: آئون توهان کان اِڳتي نہ وڌندس، ڇو جو مون پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي دُعا فرمائيندي ٻڌو تہ: يااللّٰه عَزَّوَجَلَّ! عُمر بن خطاب جي ذَرِيعي اسلام کي عزّت عَطا فرماءِ! ۽ رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان جو نالو **فاروق** رکيو ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي ذَرِيعي حق ۽ باطل جي دَرمِيان فَرق ڪيو. اِن واقعي جي خبر جڏهن حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٿي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻنهي جي لاءِ دُعا فرمائي ۽ هڪ ٻي سان چڱي انداز سان پيش اچڻ تي سندن تعريف فرمائي. (الروض الفائق ،ص:٣١٣)

## صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقعي مان جتي صحابہءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي پاڻ ۾ مَحبَّت و اُلفت ۽ هڪ ٻي جو اِحترام ڪرڻ جو مقدَّس جَذبو معلوم ٿيو اُتي سَيدُنا فارُوقِ اَعظَم ۽ سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي عظمت ۽ شان بہ واضح ٿي وئي. مزيد ان مان هي مدني گُل بہ مليو تہ جڏهن صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هڪ ٻي جي مَقام ۽ مرتبي جو اِحترام ڪندا آهن، تہ اسان کي بہ سندن عَظمت ۽ شَوڪت جو خُوب خُوب بيان ڪرڻ گهرجي ۽ نہ


www.dawateislami.net

صِرف خُود اِنهن جي مَحَبّت کي پنهنجي دل ۾ رکون بلڪ پنهنجي اَولاد کي بہ صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مَحَبّت ۽ سندن اَدَب سکاريون. ان جو هڪ تمام بهترين ذريعو هي بہ آهي تہ پنهنجي ٻارن کي صحابہءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا واقعا ٻڌايون، ان جي سِيرت ۽ ڪِردار جي باري ۾ ٻڌايون ۽ ان جي طريقي تي هلڻ جي ترغيب بہ ڏياريون. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي 695 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب "اللہ والوں کی باتیں(جلد اوّل)" شايع ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ڪئي آهي، ان ڪتاب ۾ 97 صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا مُختصر حالات ۽ واقعن سان گڏوگڏ بي شُمار مَدَني گُل بہ پنهنجي خُوشبو لُٽائي رهيا آهن. توهان بہ ان ڪتاب کي مکتبة المدينہ کان هديةً حاصل ڪريو. اِنۡ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اسان کي پنهنجي بُزرگن جي سيرت ۽ ڪردار کان واقِفيت ٿيندي ۽ انهن جي نَقشِ قدم تي هلڻ جو ذهن ٺهندو. اهڙي طرح مکتبة المدينہ جي هڪ ٻي وڏي پياري ڪتاب "**ڪراماتِ صحابہ**" جو مطالعو فرمايون، اهڙي طرح صحابہءِ ڪرام جي سيرت جي متعلق مکتبة المدينہ جو هڪ تمام ئي پيارو ڪتاب جنهن جو نالو "**خلفاءِ راشدين**" آهي

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰہُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## نامِ نامي، اسمِ گرامي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام مان سڀني کان اَفضل ۽ اَعليٰ اسان جا آقا و مَوليٰ، تاجدارِ اَنبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، اهڙي طرح بين سمورن انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي صَحابين ۾ بہ سڀني کان اَفضل مَقام اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمۡ اَجۡمَعِيۡن جو آهي ۽ صَحَابہءِ ڪِرام



www.dawateislami.net

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھم اَجْمعِیْن ۾ سيني کان اَفضل خُلفاءِ رَاشِدين (يعني اَمِيرُالمُؤمِنين حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صِدّيق، اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيّدُنا عُمر فارُوق، اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيّدُنا عُثمانِ غني ۽ اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عَليُّ الْمُرتَطٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھم اَجْمعِیْن) آهن. اڄ اسان انهن خُلَفاءِ عِظام مان ٽين خليفهء راشد، اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غَني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻُڌنداسين. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نامِ نامي اسمِ گرامي زَمانهء جاهليت (اسلام آڻڻ کان پهرين) ۽ زَمَانهءِ اسلام ۾ ''**عُثمان**'' ئي رهيو. (رياض النضرة، ج٢، ص٥)۔

## پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي نَسَب جي اَفضَليت:

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي هي عظيم سَعادت حاصل آهي ته توهان جو نَسَب پنجين پُشت ۾ حضرت سَيّدُنا عبدِمَناف تي وڃي ڪري سَيّدُالمُبَلِّغِين، رَحمَة لِّلعٰلَمِين نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نَسبِ مُبارَڪ سان وڃي ملي ٿو. اهڙي طرح اَمِيرُالمؤمنين حَضرَتِ سَيدُنا مَولا عَلي شَيرِ خُدا کَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْھَہُ الْکَرِیْم کان بعد پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نَسَب سيني کان گهٽ يعني فَقط پنج (5) واسطن سان سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نَسَب سان وڃي ملي ٿو.

(رياض النضرة، ج٢، ص٥ ماخوذاً)

## پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪنيت ۽ ان جو سبب:

زمانهء جاهليَّت ۾ (اسلام آڻڻ کان پهرين) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪنْيت ''اَبُوعَمْرو'' هئي، بعد ۾ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غُيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جگر جي ٽڪري حضرت سَيّدَتُنا رُقَيهّ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا سان نڪاح ٿيو، اِن مان هڪ شهزادي حضرتِ سَيدُنا عَبْدُالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وِلادَت ٿي ته اُن جي نالي سان ڪُنيت '' اَبُو عبدالله'' رکي ورتي. پوءِ اوهان جي هڪ ٻي پُٽ حضرت سيِّدُنا عَمرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي



www.dawateislami.net

وِلادَت تي تہ ان جي نالي سان ڪنيت” اَبُو عَمْرو“رکي ورتي، ٻئي مشهور آهن پر ”اَبُو عَمْرو“ وڌيڪ مشهور آهي.
(طبقات كُبريٰ، عثمان بن عفان، ج٣، ص٣٩، رياض النضرة، ج٢، ص٦)

## دَورِ جاهليت ۾ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اَوصاف:

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ زمانءِ جاهليت ۾ بہ پنهنجي قوم جي شريف ۽ عزّت دار ماڻهن ۾ شُمار ڪيا ويندا هئا. طبيعت جو جَمال، اوهان جي جَلال تي غالب هو، اهو ئي سبب آهي تہ نِهايت ئي وڌندڙ گفتگو فرمائيندا هئا، تمام ئي شفيق ۽ مهربان هئا. شان وشَوڪت جا مالِڪ ، نهايت ئي مالدار پر شَرم ۽ حَيا جا پيڪر هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ذاتِ مُبارَڪ سيني صِفاتِ رَذِيلہ (بُري خوبين) کان پاڪ هئي، بلڪ جاهِليَّت جي دَور ۾ بہ اوهان جي اندر اهڙيون باڪمال صِفتون موجود هيون جو خُود قُريش جا ماڻهون بہ اوهان سان بي پناهہ مَحبَّت ڪندا هئا. جيئن تہ قُرَيش جي سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان مَحبَّت ايتري مشهور هئي جو ضَربُ المثل (چَوڻي) بڻجي وئي ۽ مائرون جڏهن رات جو پنهنجي ٻارن کي سُمهاريندي هيون تہ اُنهن تي پنهنجو پيار جَتائيندي ائين چونديون هيون:”اُحِبُّکَ وَالرَّحْمٰنُ حُبَّ قُرَيْشٍ عُثْمَانَ. يعني آئون ۽ منهنجو رَبّ عَزَّوَجَلَّ توسان مَحبَّت ڪندا آهن، جيئن قُرَيش (سيدُنا) عُثمانِ غني (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) سان مَحبَّت ڪندا آهن.“ (تاريخ ابن عساكر، ج٣٩، ص٢٥١،ملخصاً)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## حليو مبارڪ:

اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تمام خُوبصورت حُليي جا مالڪ ۽ اِنتهائي حَسين اِنسان هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو قد مُبارَڪ نہ


www.dawateislami.net

بالکل ننيو هو ۽ نہ ئي تمام وڏو بلڪ مُتَوسِّط هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو چهرو نِهايت ئي حَسين وجميل، رنگ سُرخي نمان گورو(يعني گُلابي) هو. بِئي گِل مبارڪ وڏا، ڪن ڊگها، مبارڪ ڏندَ نهايت ئي خُوبصُورت، سينو (ڇاتي) مُبارَڪ کُشاده، ٻنهي ڪلهن جي دَرميان فاصلي هئڻ سان ڳَڏوڳڏ سندن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي مبارڪ تنگ جون پنيون(پنڊليون) مضبوط ۽ خوبصورت، جڏهن تہ ٻانهون مُبارڪ تورِيون ڊگهيون هيون. سَرِ اَقدَس تي گهنگريلو زُلف مبارڪ نهايت ئي گهاٽا ۽ ڪنن ڪان هيٺ تائين هئا. اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا فارُوقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ۽ اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا مَولاَ عَلي کَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جي ڏاڙهي وانگر سندن جي ڏاڙهي بہ گهاٽي هئي. چمڙي باريڪ (سَنهي) پر سُنهري وارن سان پريل هئي، ايتري قَدَر حُسن وجَمال ۽ خُوبصُورتي جا مالڪ هئڻ جي باوُجُود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ شَرم ۽ حَيا جا پيڪر هئا.

(طبقات ڪبري، عثمان بن عفان، ج۳، ص، ۴۲، الاصابة، عثمان بن عفان، ج۴، ص۳۷۷، رياض النضرة، ج۲، ص۶)

پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ اِنتهائي مالدار هئڻ جي باوُجُود قيمتي لباس پائڻ جي بجائي حُضُورِ اَنوَر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لباس جي پَيروي ڪندا هئا ۽ عشق ۽ مَحبَّت جو تقاضو بہ هي آهي تہ ظاهري حُليو بہ پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنتن جو آئينہ دار هجي. جيئن تہ

## لباس ۾ بہ اِتباعِ سُنت:

حضرت سَيدُنا سلَمَہ بن اَڪوَعْ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ اَمِيرُ المُؤمِنين حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو تهبند نصف (اڌ) پني ۽ تائين هوندو هو ۽ ان جي سبب پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ خود اِرشاد فرمائيندا هئا



www.dawateislami.net

تہ ''هٰكَذَا كَانَتْ اِزْرَةُ صَاحِبِيْ يعني نبي كريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تهبند (گوڏ) بہ اهڙي طرح (يعني نِصف (اَڌ) تنگ جي پنيءَ تائين) هوندي هئي.''

(الشمائل المحمدية،باب ماجاء في صفة ازار---الخ،ص٨٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو سُنَّتِ رسول تي عمل ڪرڻ جو جذبو مرحبا! پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ لباس پائڻ ۾ بہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيروي فرمائيندا هئا. اسان بہ سُنّت جي مُطَابِق بدن تي سفيد لباس، مٿي تي زُلفون گنُوگنْ گنبذِ خَضريٰ جي يادن سان مالا مال سبز سبز عمامو، چهري تي شريعت جي مُطَابِق هڪ مُٺ ڏاڙهي، اکين ۾ سُرمو، مٿي ۾ تيل لڳائي ڪري سُنتن جي هلندي ڦرندي تصوير بڻجي وڃڻ گهرجي ۽ فيشن وارو سوڙهو ۽ چُست لباس پائڻ کان نہ صِرف خُود بچڻ گهرجي بلڪ ٻين کي بہ شَفْقَت ۽ مَحَبَّت سان سمجهائيندي سُنتن تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ! هاڻي اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمَانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن جا ڪجھ لقَبَ ۽ ان جا سبَبَ ٻڌون ٿا.

## پهريون لقب، ذُوالنُّورَين:

اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ مشهور ۽ معروف لقب''**ذُوالنُورَين**'' (يعني ٻن نُورن وارو) بہ آهي. ان لَقَب جي وڏيڪ مشهور سبب هي آهي تہ حُضُور پُرنُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجون بہ شهزاديون حضرت سَيدَتُنا رُقَيّہ ۽ حضرت سَيدَتُنا اُمِّ كُلثُوم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُمَا



www.dawateislami.net

هڪ ٻئي پُنيان حضرت سيِّدُنا عُثمان غَني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي نڪاح ۾ ڏنيون هيون، انهي سبب سندن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ”ذُوالنُّورَين“ چيو ويندو آهي. (تهذيب الاسماء، باب العين والثاء المثلثة، ج١، ص٣٥٣) اَعْلٰي حضرت،اِمام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه انهي ڳالهه جي طرف اِشارو ڪندي فرمائن ٿا:

نُور کی سرکار سے پایا دوشالہ نُور کا
ہو مُبارک تم کو ذُوالنُّورَیۡن جوڑا نُور کا

(حدائقِ بخشش،ص٢٤٦)

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻيو لقب، جامِعُ القرآن:

پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جو هڪ لقب ”جَامِعُ القرآن“ بہ آهي. اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صدّيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن پنهنجي عهد ۾ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمرِ فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي مشوري سان مُتَفَرّق (الڳ) جڳهن کان قرآنِ پاڪ جا سيئي صَحيفا جمع ڪري ورتا هئا، پر ان ۾ ٽي(3) ڪم باقي هئا، جَمع ڪيل صحيفن کي هڪ مُصْحَف ۾ نَقل ڪرڻ، پوءِ ان هڪ مُصْحَف جا مُختلِف نُسخا اسلامي مُلڪن جي وڏن وڏن شهرن ۾ تقسيم ڪرڻ ۽ سيني کي قُريش جي لهجي تي پڙهڻ جو حڪم ڏيڻ. هي ٽئي ڪم الله عَزَّوَجَلَّ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ کان ورتا ۽ قرآنِ عظيم کي جَمْع ڪرڻ وعدهء الٰهي جي مُطابِق تامّ وڪامل (مڪمل) ٿيو، ان لاءِ اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ”جامِعُ القرآن“ چوندا آهن.



www.dawateislami.net

(فتاوي رضويه، ج٢٦، ص٤٥٢، فيضان صديق اكبر، ص٤١٩،ملخصاً)

تمھیں کو جامعِ قرآن کا حق نے دیا مَنصب

عطا قرآں کو کر کے جمع کی اُمَّت کو آسانی

(وسائلِ بخشش، ص٥٨٤)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٽيون لقَب مُجَهِّزُ جَيشِ العُسرَة:

پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو هڪ لَقَب ''مُجَهِّزُجَيشُ الْعُسْرَة'' بہ آهي، جنھن جي مَعْنٰي آهي تنگي واري لشڪر جي ماليَ مُعاوَنت ڪرڻ وارو. جنگِ تَبُوڪ جي موقعي تي جيڪو اسلامي لشڪر تيار ٿيو هو ان ڪي جَيشُ الْعُسْرَة چيو ويندو آهي ڇو جو غزوهء تَبوڪ نهايت ئي مشڪل مَقام ۽ شديد گرمي جي موسم ۾ ٿيو. حضرت سيّدنا عبدالرحمٰن بن خَبّاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي: آئون بارگاهِ نبوي عَلٰي صاحبِها الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضر هئس ۽ حضور اڪرم، نورِ مُجَسَّم، رسولِ محترَم، رحمتِ عالَم، نبيّ مُحْتَشم، سراپا جود و ڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي ”جيش عُسرت“ (يعني غزوه تَبوڪ) جي تياري لاءِ ترغيب ارشاد فرمائي رهيا هئا. حضرت سيّدنا عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اٺي بيهي عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پلاڻ ۽ ٻئي سامان سميت سؤ اُٺَ منهنجي ذمي آهن.

حضور سراپا نور، فيضِ گنجور، شاهِ غيور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ٻيهر اُٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سموري سامان سميت بہ سؤ اُٺ حاضر ڪرڻ منهنجي ذميداري آهي، ٻنهي جهانن



www.dawateislami.net

جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ کرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي وري ترغيب ڏياري تہ حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان سموري سامان سميت ٽي سؤ اُٺ پنهنجي ذمي ڪيان ٿو. هي ٻُڌي ڪري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام خُوش ٿيا. انهي لاءِ پاڻ کي ''مُجَهِّزُجَيْشِ الْعُسْرَةِ''يعني تنگي واري لشڪر جي مالي مُعاوَنت ڪرڻ وارو چيوَ ويندو آهي.

(ترمذي، ڪتاب المناقب، مناقب عثمان بن عفان، ج۵، ص۳۹۱، حديث: ۳۷۲۰)

اِمامُ الاَسْخِیاء! کر دو عطا حصہ سخاوت کا

قَنَاعَت ہو عنایت ، دیں نہ دولت کی فَراوانی

(وسائلِ بخشش، ص۵۸۵)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ ڏٺو ويو آهي ڪجھ ماڻھو ھڪ ٻئي کي ڏسي جذبات ۾ اچي چندو لکرائيندا تہ آهن پر جڏهن ڏيڻ جي وارو ايندو آهي تہ انهن کي ڏيڻ ڏکيو لڳندو آهي، ۽ ايستائين جو ڪي تہ ڏيندا بہ ناهن! پر قربان وڃجي پياري محبوب جي سچي عاشق، سيِّدُ الاَسَخِياء عثمان باحيا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي جُود ۽ سَخا تان، جو پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي اعلان کان وڌيڪ چندو پيش ڪيو. جيئن مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمةُ الْحَنَّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: خيال رهي اهو تہ سندن جو اعلان هو پر حاضر ڪرڻ وقت پاڻ 950 اُٺ، 50 گهوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيون، ۽ بعد ۾ 10 هزار اشرفيون وڌيڪ پيش



www.dawateislami.net

ڪيون (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا) خيال رهي ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پهرين ڀيري هڪ سؤ جو اعلان ڪيائون، ٻئين ڀيري 100 اُٺَن ڪان علاوه 200 جو، ٽئين ڀيري وڌيڪ 300 جو، ڪُل 600 اُٺَ (پيش ڪرڻ) جو اعلان ڪيائون.

(مِراة المناجيح ج 8 ص 395 از ڪراماتِ عثمانِ غني)

مجھے اپنی سَخاوت کے سَمندر سے کوئی قطرہ

عَطا کر دو نہیں دَرکار مجھ کو تاجِ سُلطانی

(وسائلِ بخشش، ص۵۸۵)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## چوٿون لَقَب، صاحِبُ الْهِجرَتَين:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جهڙي طرح دِينِ اسلام جي سَر بُلندي جي لاءِ پنهنجو مال لُٽائيندا هئا، اهڙي طرح خُود به پوئتي نه رهندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ انهن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہم اَجْمَعِیْن مان هئا جن راهِ خدا ۾ ٻه ڀيرا هجرت ڪئي، هڪ ڀيرو حبشه جي طرف ۽ ٻيو ڀيرو مَدِينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي طرف. انهي لاءِ سندن کي ”صاحِبُ الْهِجْرَتَين“ جي لقب سان به ياد ڪيو ويندو آهي. جنهن جو مطلب آهي ٻه هجرتون ڪرڻ وارو.

(طبقات ڪبري، عثمان بن عفان، ج٣، ص٤٠، اند الغابة، عثمان بن عفان، ج١، ص٧٤٩، ڪراماتِ عثمان غني، ص٤)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! تہ اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عَظمت جي پيشِ نظر ڪهڙن لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي. يقينًا هڪ شخص جون بهترين خوبيون جيتري قدر وڌيڪ هونديون اوتري قدر ئي ان کي سٺن لقبن ۽ چڱي اَنداز سان ياد ڪيو ويندو. اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ايترن لقبن جو هئڻ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عظمت ۽ شان جي علامت آهي.

## احاديثِ مُبارڪ ۾ شانِ عثمان غَني:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عُمومًا ڏٺو ويندو آهي تہ هڪ غلام تہ پنهنجي آقا جي عنايتن ۽ ان جي مهربانين جي سبب ان جي تمام گهڻي تعريف ڪندو رهندو آهي. پر ڪمال هي آهي تہ جڏهن آقا بہ پنهنجي غُلام جي خُوبين تي سندس تعريف ڪري ۽ ان سان قائم هجڻ واري تَعَلُّق کي وڌي چاهہ سان اِظهار ڪرن. اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو شُمار بہ انهن خُوش نصيب صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۾ ٿئي ٿو جن جي حق ۾ حُضُور پر نور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تازگي بخشيندڙ مبارڪ لبن (يعني چَپن سان) ڪيئي ڀيرا تعريف فرمائي، ڪڏهن سندن کي دربارِ رِسالت عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان جَنَّت جي خوشخبري عطا ڪئي وئي، تہ ڪڏهن مَني مُصۡطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجو جَنَّتي رفيق (ساٿي) قَرار ڏنو، ڪڏهن تہ سندن کي ڪامل حَيا جي سَنَد عطا فرمائي تہ ڪڏهن اوهان جي شَفاعت جي ذَرِيعي ماڻهن کي جَنَّت حاصل ڪرڻ جو اعلان فرمايو. اچو تہ شانِ عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي مُتعلّق چار(4) فرامينِ مُصۡطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

1. عُثمان مون مان آهي ۽ آئون عُثمان مان آهيان. (تاريخِ دمشق، ۱۰۲/۳۹)
2. جَنَّت ۾ هر نبي جو هڪ رفيق هوندو ۽ منهنجو رفيق (ساٿي) عُثمان بن عَفان هوندو. (تاريخِ دمشق، ۱۰۴/۳۹)
3. قِيامت جي ڏينهن عُثمان جي شفاعت سان سَتّر هزار (70,000) اهڙا ماڻهو بغير حساب جي جَنَّت ۾ داخل ٿيندا جن تي جَهنَّم واجب ٿي چڪو هوندو. (تاريخِ دمشق، ۱۲۲/۳۹)
4. حَيا ايمان مان آهي ۽ منهنجي اُمَّت ۾ سڀ کان وڌيڪ حَيا ڪرڻ وارو عثمان آهي. (تاريخِ دمشق، ۹۲/۳۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شرم ۽حَيا جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي جو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سندن کان حَيا فرمائيندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ هميشہ نهايت بهترين خوبين جا حامل رهيا، ايستائين جو زمانہء جاهليَّت ۾ بہ ڪيترين ئي بُرائين کان پَري رهيا، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ خود پنهنجون خوبيون بيان ڪندي اِرْشاد فرمائن ٿا: مون نہ ڪڏهن فُضُول شعرَ ڳايا ۽ نہ ئي ان جي خواهش ڪئي، زَمانہء جاهليت ۽ زَمانہء اسلام ۾ ڪڏهن بہ شراب نہ پيتو ۽ جڏهن کان مون پنهي جهانن جي تاجور، سُلطانِ بحروبَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي آهي تڏهن کان ساڄو هٿ مون ڪڏهن بہ پنهنجي شرمگاھ کي ناهي لڳايو..(تاريخ ابن عساڪر، ج۳۹، ص۲۲۵) مزيد فرمائن ٿا: آئون بند ڪمري ۾ غُسل ڪندو آهيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان حَيا جي سبب سَمَيٽجي ويندو آهيان.

(مرقاةُ الْمَفَاتِيْح ج۸ ص۸۰۳،تحت الحديث ۵۰۷۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي تہ اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غَني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو شرم وحَيا آهي ،جڏهن تہ اسان جي شَرم ۽ حَيا جو عالَم



www.dawateislami.net

هي آهي تہ ڪجھ ماڻهو ٽي وي تي فلمن ڊرامن جي فُحُش (بهيوده) مَنظرَ، ڪڏهن اڪيلي تہ ڪڏهن سيني گهر ڀاتين جي وِچ ۾ وڏي دِلچسپي سان ڏسندا آهيون، هاڻي تہ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گناهہ ايتري قدر عام ٿي ويا آهن جو موبائل ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي نہ ڄاڻي ڪهڙن ڪهڙن گناهن جو اِرتڪاب با آساني ٿيندو هوندو. سوشل ميڊيا جي ذريعي ترقي جي منزلن جي تلاش ۽ دُنيوي معلومات ڪان خود کي هر وقت اَپ ڊيٽ رکڻ جي سوچ ۾ شايد ڪيترائي ماڻهون گناهن جي سمنڊ ۾ لَهي ڪري پنهنجي قيمتي وقت کي برباد ڪندا هوندا، شادي مُرادي ۽ ٻين ڳڏجاڻين ۾ بيهودهہ فنڪشنز (Functions) جو اِنتظام ڪيو ويندو آهي، جن ۾ مردن ۽ عورتن جو مَيل جَول ۽ کِل ڀوڳ هوندي آهي. اڪثر گهر سينما گهرن ۽ اَڪثر بينڪون ڳائڻ وڄائڻ جي جڳهن جو منظر پيش ڪري رهيون هونديون آهن، بي پردهہ عورتون شرم ۽ حَيا کي پري رکندي گهٽين بازارن جي زِينت بڻجنديون آهن تہ مرد بہ پنهنجي اکين سان حَيا وڃائي ويهندا آهن ۽ اهڙين عورتن کي گُهوري گُهوري ڪري ڏسڻ چڻ تہ پنهنجو حق سمجهندا آهن. الغرض اسان جو مُعاشَرو فَحاشي، عرياني ۽ بي حَيائي جي باهہ جي وڪڙ ۾ وڏي تيزي سان اچي رهيو آهي، جنهن جي سبب خاص ڪري نئو نَسل اَخلاقي طور بَدعملي جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. اسان جي مُعاشري ۾ حَيا ختم هئڻ جي سبب ئي اسان سرِعام ناجائز ۽ حرام ڪم ۽ بي شمار گُناهہ ڪندي بلڪل نہ ٿا شرمايون. گار گند ڪرڻ، تُهمت (الزام) لڳائڻ، بدگماني، غيبت، چُغلي، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪنهن جو مال ناحق ڪائڻ، رت وهائڻ، مسلمانن کي بُرن نالن سان سڏڻ، شراب، جُوا، چوري، قرلُٽ، سُود ۽ رِشوت جو لَين ڏين، ماءُ پيءُ جي نافرماني، اَمانت ۾ خِيانت، غُرُور ۽ تڪبُّر، حَسَد ۽ رِيا ڪاري، حُبِّ جاهہ،



www.dawateislami.net

بخل ۾ خُود پَسندي وغيره وغيره گُناهن جو اِرتِڪاب اسان جي مُعاشَري ۾ وڏي بهادري سان ڪيو ويندو آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي ته شرم ۽ حَيا اسان جي قريب ڪان به ناهي گذريو. اسان جو حال ته هي ٿي چُڪو آهي ته

دن لَہو میں کھونا تجھے، شب صبح تک سونا تجھے

شرمِ نبی، خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش)

## مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ۾ خوفِ خُدا پيدا ڪرڻ ۽ شرم ۽ حَيا اپنائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان هروقت وابسته رهو، عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن ۾ سُنتن جي تَربيت جي لاءِ سفر اِختيار ڪريو ۽ ڪامياب زِندگي گُذارڻ ۽ پنهنجي آخِرت سَنوارڻ جي لاءِ روزانو''فڪر مدينه'' جي ذريعي مدني اِنعامات جو رِسالو پُر ڪريو. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ مدني مذاڪري ۾ مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ جي حوالي سان مدني گُل عطا ڪندي فرمائن ٿا ته: ”هر روز فڪرِ مدينه ڪري مدني انعامات جي رِسالي جي خانه پُر ڪريو ۽ ذِمه دارڪي هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرايو، 10 تاريخ جو اِنتظار نه ڪريو". هفتيوار سُنتن ڀري اجتِماع ۾ شرڪت ڪريو ۽ **دعوتِ اسلامي** جو هر دلعزيز 100 فيصد اسلامي چينل ”**مَدَني چينل**“ خود به ڏسندا رهو ۽ ٻين کي به ڏسڻ جي ترغيب ڏياريندا رهو.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## حضرت عُثمان جو مسلمانن جي لاءِ پاڻي خريد ڪرڻ :

مَنْقول آهي تہ جڏهن مُهاجرين، مڪہ مُعَظَّمہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا کان هجرت فرمائي ڪري مدينہ مُنوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي طرف آيا تہ هتي جو نَمڪين پاڻي سندن طبيعت کي نہ پيولڳي. بني غفار سان تَعَلُّق رکڻ واري هڪ شَخص جي مِلڪ ۾ پاڻي جو هڪ منو چشمو هو جنهن کي ”رُومہ“ چيو ويندو هو. اهو ان مان هڪ مشڪ هڪ ”مُد“ جي عِوَض وِڪرو ڪندو هو. رحمتِ عالم، نُورِ مجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اُن کي فرمايو: هي چشمو منهنجي هٿ تي هڪ جنّتي چشمي جي عِوَض وڪرو ڪري ڇڏ ، اُنهن عَرْض ڪيو: ”يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجوءِ منهنجي ٻارن جو گُذر بَسر انهي تي آهي، مون ۾ ائين ڪرڻ جي سگھہ ناهي.“ جڏهن هي خبر حضرت سَيِّدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تائين پهتي تہ پاڻ اهو چَشمو ان شَخص کان پنجٽيهہ هزار (35,000) دِينارن ۾ خريد ڪري ورتو ،پوءِ بارگاهِ رِسالت ۾ حاضِر ٿي ڪري عَرْض ڪيو: ”يَا رَسُولَ اللهِ اَتَجْعَلُ لِي مِثْلَ الَّذِي جَعَلْتَهٗ لَهٗ عَيْنًا فِي الْجَنَّةِ اِنِ اشْتَرَيْتُهَا؟يعني يارَسُول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا جهڙي طرح اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان شَخص کي جَنّتي چشمو عَطا فرمائي رهيا هيو، جيڪڏهن آئون هي چشمو ان کان خريد ڪري ونان تہ حُضُور مون کي عَطا فرمائيندا؟“ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ها. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن عَرض ڪيو: مون اهو چشمو خريد ڪري مسلمانن تي وَقف ڪري ڇڏيو.

(معجم ڪبير، بشير الاسلمي ابو بشر،ج٢،ص٤١)

سرکار سے پائیں گے مرادوں پہ مرادیں

دربار پہ دُربار ہے عُثمانِ غنی کا



www.dawateislami.net

(ذوقِ نعت،ص:۴۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! جنهن وَقت مسلمانن کي پاڻي جي حوالي سان شديد پريشاني هئي تہ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن اهو پُورو چشمو خريد ڪري راهِ خدا ۾ وَقْف ڪري ڇڏيو. اسان کي بہ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن مُسلمان کي پريشاني يا ڪنهن مُصيبت ۾ مبُتلا ڏسون ۽ ان جي حاجت پُوري ڪرڻ جي سَگهہ رکندا هجون تہ ان جي مُشڪلات ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اهو شخص وڏو خُوش نصيب آهي جيڪو مُحتاجن جي مدد ڪندو، غَريبن جي دادرَسي ڪندو، غمگينن جي غمگساري ۽ پريشان حالن جي پريشاني دُور ڪندو آهي ڇو جو جيڪو مخلوق تي رَحم ڪندو آهي،الله ڪريم عَزَّوَجَلَّ بہ ان تي ايتري قدر رَحم ۽ ڪرم فرمائيندو آهي جو ان جي زِندگي ۾ هر طرف بهارون ئي بهارون اچي ويندیون آهن. اچو تہ! بہ (2) فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙدون ٿا.

1. جنهن مؤمن جي دُنيوي پريشانين مان ڪا هڪ پريشاني ختم ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينهن ان جي پريشانين مان هڪ پريشاني ختم فرمائيندو، جيڪو دُنيا ۾ لاچار جي لاچاري ختم ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جي لاءِ آسانيون پيدا فرمائيندو، جيڪو دُنيا ۾ ڪنهن مُسلمان جي پرده پوشي ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جي پرده پوشي فرمائيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان وَقْت تائين ٻانهي جي مدد ڪندو رهندو آهي جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي .

(مسلم ، ڪتاب الذڪر والدعا، باب فضل الاجتماع علي تلاوة القران ،رقم ۲۶۹۹ ،ص ۱۴۴۷)

2. جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي گهرج جي پورائي ڪرڻ لاءِ هلي، ان جو



www.dawateislami.net

هي عمل ان جي لاءِ ڏهه (10) سال اِعتڪاف ڪرڻ کان بهتر آهي ۽ جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ هڪ ڏينهن اعتڪاف ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ جهنَّم جي درميان ٽن (3) خَنْدَقن جي ذريعي رَوڪ فرمائي ڇڏيندو ۽ ان مان ہر (2) خَنْدَقن جي وِچ جو فاصلو مَشرِق ۽ مَغْرِب جي فاصلي کان وڌيڪ آهي."

(الترغيب والترهيب ،كتاب البر والصلة ، باب التر غيب في قضاء حوائج المسلمين .. الخ رقم ٨ ، ج٣ ، ص ٢٦٣)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ پنهنجي مُسَلمان ڀائرن جي خبر گيري ڪرڻ ۽ انهن جون مُشڪلاتون حل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَـلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

## ساقيءِ ڪوثر سيراب فرمائي ڇڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص پنهنجي مُسلمان ڀاءُ جي ضرورتن کي پُورو ڪندو آهي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو پسنديده ٻانهو بڻجي ويندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ غيب کان ان جي ضرورتن کي پُورو فرمائيندو آهي. جڏهن تہ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن پنهنجي پوري زِندگي ماڻهن جون ضرورتون پُوريون ڪرڻ، ان جي تڪليفون حل ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي، ان لاءِ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تي آزمائش آئي ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تي پاڻي بند ڪيو ويو تہ جنابِ رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خُود اچي ڪري حضرتِ عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي سيراب فرمايو. جيئن تہ حضرت سيّدُنا عبداللهِ بِن سَلام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ جن ڏينهن باغين اميرالمؤمنين حضرت سيّدُنا عُثمان رَضِیَ الله



www.dawateislami.net

تَعَالٰی عَنْہُ جي گهر مبارڪ جو گهيرو ڪيو هو، سندن جي گهر ۾ پاڻي جو هڪ ڦڙو به نه پئي وڃڻ ڏنو ويو ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اُڃ جي سختي ڪان تڙپي رهيا هئا. مان اوهان سان ملاقات لاءِ حاضر ٿيس ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مون کي ڏسي ارشاد فرمايو "مَرْحَبًا بِاَخِيْ : يعني اي منهنجا ڀاءُ! خوش آمديد . پوءِ ارشاد فرمايو ته اي عبدالله بن سلام(رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ) مون اڄ رات رحمتِ عالميان، مديني جي سلطان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ان روشندان ۾ ڏٺو، رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڏي شفقت ڀري لهجي ۾ ارشاد فرمايو: "اي عثمان (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ)! انهن ماڻهن پاڻي بند ڪري اوهان کي اُڃ جي ڪري بيقرار ڪري ڇڏيو آهي؟" مون عرض ڪيو: جي ها، ته پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جلدي هڪ ڏول مون ڏانهن لٽڪايو، جيڪو پاڻي سان ڀريل هو، مون ان مان ڍؤ ڪري پيتو، اجا تائين ان پاڻي جي ٿڌاڻ پنهنجي ٻنهي ڇاتين ۽ ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان، پوءِ حضورِ اڪرم،نورِ مُجَسّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اِنْ شِئْتَ نَصَرْتُ عَلَيْهِمْ وَاِنْ شِئْتَ اَفْطَرْتَ عِنْدَنَا "يعني جيڪڏهن اوهان جي خواهش هجي ته انهن ماڻهن جي مقابلي ۾اسان توهان جي مدد ڪريون ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو ته اسان وٽ اچي روزوافطار ڪيو." ته مون سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم!جن جي دربارِ پُراَنوار ۾ حاضر ٿي روزو افطار ڪرڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي. (حضرت سيِّدنا عبدُالله بِن سلام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: آئون ان ڪان پوءِ اجازت وٺي موٽي آيس) ۽ انهيءَ ڏينهن اميرالمُؤمنين حضرت سيدنا عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي باغين شهيد ڪري ڇڏيو. (ڪتاب المنامات مع موسوعة الامام ابن ابي الدنيا ج 3 ص 74 رقم 109) حضرت علامه جلاَلُ الدِّين سُيُوطِي عَلَیْہِ رَحمۃُ القَوِی نقل ڪن ٿا ته حضرت علامه اِبْنِ باطِيش رحمۃاللہ تعالیٰ علیہ جي قول جي مطابق اميرالمُؤمنين



www.dawateislami.net

حضرت سيدنا عثمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان ڳڌ سرڪار مدينہصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ديدار وارو هي واقعو خواب ۾ نہ بلڪ بيداري جي حالت ۾ پيش آيو. (الحاوي للفتاوي للسيوطي ج 2 ص 315)

رکھا محصُور ان کو، بند ان پر کر دیا پانی

شہادت حضرتِ عُثمان کی بے شک ہے لاثانی

(وسائلِ بخشش، ص۵۸۵)

## بے کسوں کا سہارا ہمارا نبی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاَجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا سيئي حالات ظاهر ۽ واضح هئا، ڳڏوڳڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ اسان جا مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيڪسن جا مددگار بہ آهن تڏهن تہ فرمايائون: اِنْ شِئْتَ نُصِرْتَ عَلَيْهِمْ "يعني جيڪڏهن تنهنجي خواهش هجي تہ انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ تنهنجي مدد ڪيان."

غمزدوں کو رضاؔ مژدہ دیجے کہ ہے

بیکسوں کا سہارا ہمارا نبی (حدائق بخشش شريف)

**وَسوَسو:** ان روايت کي ٻڌي ڪري ٿي سگهي ٿو تہ شيطان ڪنهن جي ذِهن ۾ هي وسوسو آڻي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذاتِ پاڪ جي هوندي، ڪنهن غيرڪان مدد گهُرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن هو پنهنجي ٻانهن جي ٻُڌندو آهي ۽ مدد بہ ڪندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ئي کان مدد گهُرڻ گهرجي.



www.dawateislami.net

**جواب:** مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! هي شيطان جو خوفناڪ حملو آهي، ان طرح جون ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن ته اَنبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي توهين ڪري ڇڏيندا آهن ۽ توهينِ اَنبياء جي سبب ڪفر ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. ان لاءِ اسان کي گهرجي ته اهڙن ماڻهن جي صُحبت کان نه صِرف خُود پاسو ڪريون بلڪ ٻين کي به بچائڻ جي ڪوشش ڪريون.

## غيرالله کان مدد گهُرڻ ڪيئن؟

ان وَسوَسي جي ڪاٽ ڪرڻ جي لاءِ هي ياد رکو! حقيقتاً مدد ڪرڻ صِرف ۽ صِرف الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات سان گڏ خاص آهي. ان جي عَطا جي بغير هڪ ذرّو به فائدو نٿو ڏيئي سگهي، اَنبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، اَولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْه به ان جي ڏنل طاقت ۽ اِجازت سان مدد فرمائيندا آهن. هي ان طرح آهي جيئن ڪنهن فيڪٽري يا ڪارخاني جو مالڪ اُتي ڪم ڪرڻ وارن مَزدُورن تي هڪ سُپر وائزر يا ناظم مُقرَّر ڪري ۽ پوءِ هي حڪم جاري ڪري ته مهيني جي اُجرت هن کان وُصُول ڪئي وڃي. هاڻي جيڪڏهن ڪو مَزدُور هن طرح اِعْتراض ڪري ته مالڪ جي هوندي سُپر وائزر يا ناظم جي ڪهڙي ضرورت ؟ ۽ اسان مالڪ جي هوندي ڪنهن ٻي کان اُجرت ڇو وٺون؟ اسان ته مالڪ کان ئي اُجرت حاصل ڪنداسين. ته يقيناً ان مُلازم جي ڳالهه کي بيوقوفي ۽ مالڪ جي مخالفت ئي سمجهيو ويندو. ڇو جو سُپروائزر جي اُجرت ڏيڻ مالڪ جو ئي ڏيڻ آهي، حقيقتاً اُجرت ڏيڻ وارو مالڪ ئي آهي، سُپر وائزر ۽ ناظم ته ان جا قائم ڪيل وسيلا آهن. بلڪل انهي طرح الله عَزَّوَجَلَّ کان علاوه ڪنهن ٻي کان مدد گهُرڻ ۽ ان مبارڪ هستين جي رب تعالٰي جي عَطا سان اِمداد ڪرڻ به الله



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ ئي جي اِمداد فرمائڻ آهي. ڇو جو الله عَزَّوَجَلَّ ئي پنهنجي عَطا سان انهن مبارڪ هستين کي اسان جي فرياد رسي ڪرڻ تي مُقَرَّر فرمايو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ کان علاوه ڪنهن ٻي کان مدد گهُرڻ جي ترغيب ته خُود قرآنِ پاڪ ۾ بہ مَوْجُود آهي. جيئن ته سيپاري نمبر1 سُوْرَۃ الْبَقَره ،آيت نمبر 45 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ اِرْشاد فرمائي ٿو :

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

(سيپارو:1، بقره:45)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور فرمايو ته ! الله عَزَّوَجَلَّ حڪم فرمائي رهيو آهي ته صبر ۽ نماز کان مدد گهُرو. هاڻي جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ کان علاوه مدد گهُرڻ ناجائز هجي ها ته خدا عَزَّوَجَلَّ ئي حڪم ڇو اِرشاد فرمائي ها ته صبر ۽ نماز کان مدد گهُرو! ڇو جو صبر ۽ نماز خدا ناهي بلڪ غَيرِ خدا آهن. انهي طرح سيپاري 5 سُوْرَۃ النّسآء جي آيت نمبر 64 ۾ اِرْشاد فرمايو:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

(سيپاري: ۵، النسآء: ۶۴)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن ته اي محبوب تنهنجي دربار ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهُرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي ته ضرور الله کي گهڻو توبه قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

اِمامِ اَهلسنّت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان آيت جي تحت اِرشاد فرمائن ٿا: ڇا الله تَعَالٰي (پنهنجي محبوب جي امت جي گُناهن کي) خود نٿو بخشي سگهي. پوءِ هي ڇو فرمايو ته اي نبي! تو آڏو حاضر ٿين ۽ تون الله (عَزَّوَجَلَّ ) کان انهن جي بخشش چاهين تڏهن هي دولت ۽ نعمت حاصل



www.dawateislami.net

کنداءِ (الله عَزَّوَجَلَّ جو گُناهگارن کي دَرِ مُصطفٰي تي حاضري جو حکم ڏيڻ ۽ اُتي رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجو سِفارشي بنائڻ هي غَيرُالله کان مدد گهُرڻ آهي ۽) اهو ئي اسان جو مطلب آهي. جيڪا قرآن جي آيت صاف فرمائي رهي آهي. (فتاويٰ رضويه: ۲۱/۳۰۵)

**دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اداري ”مڪتبة المدينہ“ جي مطبوعہ 274 صفحن تي مُشتمل ڪتاب” صحابہء کرام کا عشقِ رسول “ جي صفحي نمبر 92 تي آهي تہ ، حضرتِ رَبيعہ بن ڪعب اسلَمي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو بَيان آهي تہ آئون رات جو رسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اَقۡدس ۾ رهندو هئس، پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وُضو جي لاءِ پاڻي آڻيندو هئس ۽ ٻيون خدمتون بہ بجا آڻيندو هئس. هڪ ڏينهن پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو : سَلۡ (يعني گهُر، ڇا ٿو گهُرين!) مون عَرۡض ڪيو: اَسۡئَلُکَ مُرَافَقَتَکَ فِی الۡجَنَّۃِ۔ مان اوهان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بِهشۡت (جنّت) ۾ سندن ساٿ گهُران ٿو. پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ان کان عِلاوه ٻيو ڪجهہ؟ حضرتِ رَبِيعہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جن عَرض ڪيو تہ منهنجو مقصود تہ اهو ئي آهي (يعني جنَّت ۾ سرڪار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رفاقت ئي مون لاءِ ڪافي آهي). حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سجدن جي ڪثرت سان منهنجي مدد ڪريو (يعني خود بہ ان بلند مقام جي شان پيدا ڪريو ،منهنجي عطا جي ناز تي عبادت جي ڪثرت کان غافل نہ ٿي وڃ. ) (صحيح مسلم،ڪتاب الصلوة،باب فضل السجود، الحديث۴۸۹،ص۲۵۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!ان حديثِ پاڪ ۾ مٺي مٺي آقا، سردارِ انبياء صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرتِ ربيعہ کي فرمايو: اَعِنِّي يعني منهنجي اعانت (مدد) ڪر! ۽ انهي کي استِعانت ۽ استِمداد يعني ٔ مَدد گهُرڻ چوندا آهن. جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ کان عِلاوه ڪنهن کان مدد گهُرڻ ناجائز هجي ها تہ



www.dawateislami.net

پيارا آقا، مکي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ هي اِرشاد نہ فرمائن ها. معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان عِلاوه ٻين کان مدد گهُرڻ، انهن کي پنهنجو حامي ۽ مددگار مڃڻ جائز آهي. غيرُالله کان مدد گهُرڻ جي مُتَعَلّق مزيد معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت ،اميرِاَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جوَ رسالو ”ڪراماتِ شَيرِخدا“ صفحي 56 کان 95 جو مطالعو ڪريو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان وَسْوَسي جي ڪاٽ ٿي ويندي.

غم ہو گئے بے شُمار آقا! بندہ ترے نِثار آقا!
بگڑا جاتا ہے کھیل میرا آقا! آقا! سنوار آقا!
مجبور ہیں ہم تو کیا فکر ہے تم کو تو ہے اِختیار آقا!
میں دُور ہوں تم تو ہو مرے پاس سُن لو میری پُکار آقا!

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## پنهنجي مَدفن جي خبر ڏنائون!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب ٻانهن کي ماڻهن جي مدد ڪرڻ تي قُدرت عطا فرمائيندو آهي، انهي طرح هو رَبُّ الۡعَالَمِيۡن عَزَّوَجَلَّ ان مبارڪ هستين مان جنهن کي چاهيندو آهي علمِ غيب عطا فرمائيندو آهي. منقول آهي تہ حضرت سيّدُنا اِمَام مَالِڪ عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡمَلِک فرمائن ٿا تہ امير الۡمُؤمِنين حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هڪ ڀيري مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي قبرستان ”جنّتُ البَقيع“ جي ان حصي ۾ تشريف وٺي ويا جنهن کي ”حَشِّ ڪَوڪَب“ چيو ويندو هو، پاڻ اتي بيهي هڪ جڳهہ تي هي فرمايائون: ”عنقريب هتي هڪ شخص دفن



www.dawateislami.net

ڪيو ويندو.“ اهڙي طرح ٿوري عرصي بعد سندن جي شهادت ٿي ۽ باغين سندن جي جنازي مبارڪ تي ايتري قدر شور ڪيو جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي روضي پاڪ جي ويجهو دفن نہ ڪيو ويو، نہ جنّتُ البَقيع جي ان حصي ۾ دفن ڪيو ويو جيڪو اَڪابِر صحابہ (يعني وڏن صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان) جو قبرستان هو، بلڪ سڀ کان الڳ ”حَشِّ ڪَوڪب“ ۾ سندن جي تدفين ڪئي وئي جنهن جي باري ۾ ڪجهہ عرصو پهريون پاڻ ارشاد فرمايو هيو، ۽ هيءَ اهڙي جڳهہ هئي جو جتي ڪو ڪنهنجي تدفين جي لاءِ ڪو سوچي بہ نہ سگهندو هو، ڇو تہ ان وقت اتي ڪا قبر ئي نہ هئي.

(رياض النضرة،ج ٣، ص٤١ ملخصاً ، ڪراماتِ صحابہ ص٩٦، ازالۃ الخفاء ، مقصد دوم، ج٤، ص٣١٥،ملخصاً)

## علمِ غيب ۽ اَولِياءُ اللّٰه:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اَولياء کي اِن ڳالهين جو علم عطا فرمائيندو آهي تہ اهي ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪندا ۽ ڪهڙي جڳهہ تي سندن قبر ٺهندي؟ ۽ ڪنهن ڪم جي اَنجام ۽ مُستقبِل جي حالات کي ڄاڻي وٺڻ کي علمِ غيب چيو ويندو آهي. اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جيئن اِرشاد فرمايو ائين ئي ٿيو. هاڻي ٿورو سوچيو! جڏهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ صحابي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان غيب جون خبرون اِرشاد فرمائي رهيا آهن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪيتري قدر علمِ غيب سان نوازيو هوندو؟ جيئن تہ سيپاري 30 سُوْرَةُ التَّڪوِير جي آيت نمبر 24 ۾ اِرشادِ باري تَعَالیٰ آهي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿٢٤﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هيءُ نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي.



www.dawateislami.net

انهيءَ آيت مان معلوم ٿيو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن کي علمِ غيب ٻڌائيندا آهن ۽ ظاهر آهي تہ ٻڌائيندو اهو ئي جيڪو پاڻ بہ ڄاڻندو هجي. (خوفناڪ جادوگر،ص۱۳) حضرت امام علاّمہ احمد بن محمد خطيب قسطلاني شافعي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: سَيدِ عالَم ، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عِلمِ غيب تي مُطَّلع (باخبر) هئا، هي ڳالهہ صحابہء ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۾ تمام مشهور ۽ هر هڪ جي زبان تي هئي.

(المواهب اللدنية بالمنح المحمدية، المقصد الثامن في طبه...الخ، الفصل الثالث في انبائه بالانباء المغيبات،ج۳،ص۹۱)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي شان جي مُتَعلِّق بيان ٻڌو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

- نهايت ئي حليم، سخي، نرم دل، نرم گُفتار، شَرافت ۽ عاجزي جا پيڪر، شرم و حَيا جي مَظْهر هئڻ سان گڏوگڏ هردلعزيز شَخْص هئا.
- سَخاوت جا مَظهر هئا، راهِ خُدا ۾ قُربان ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گهربار، جان ۽ اولاد جي بہ پروا نہ ڪندا هئا، انهي لاءِ جڏهن هجرت جو موقعو آيو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن پنهنجي گهر وارن سان گڏ پهرين حَبْشہ جي طرف هِجرت ڪئي ۽ پوءِ مَدِينہء مُنَوَّرَہ زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعْظِیْمًا جي طرف بہ هجرت فرمائي.
- پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو سُنّتِ رسول تي عمل ڪرڻ جو جذبو مرحبا! صد مرحبا.
- سندن کي ڪيترن ئي مختلف لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي مثلاً" ذُوالنّورين،جامع القرآن، جَيْشُ الْعُسْرَةِ''يعني تنگي واري لشڪر جي



www.dawateislami.net

مالي مُعاوَنت ڪرڻ وارا،صَاحِبُ الْھِجْرَتَيْن يعني 2 هجرتون ڪرڻ وارا.

❖ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن مني پاڻي جو چشمو 35,000 هزار دِينارن ۾ خريد ڪري مسلمانن جي سهولت ۽ آساني جي لاءِ راهِ خدا ۾ وقف ڪيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ اميرالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي نقشِ قدم تي هلندي حِلم (سَهپ) جا پيڪر، سخاوت جا مظهر، نرمي ۽ عاجزي ڪرڻ وارا بڻجون. ان سان نہ صرف اسان جي اخلاق ۾ بهتري ايندي بلڪ ماڻهن جي دلين ۾ اسان جي مَحبَّت بہ پيدا ٿيندي ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ بہ آساني ٿيندي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي نقشِ قدم تي هلندي ۽ حسنِ اخلاق جو پيڪر بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مجلس اَلمدينہ لائبريري جو تَعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سُنّتن جي خِدمت جي لاءِ ڪم وبيش 97 شُعبہ جات ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي. آسان انداز سان علمِ دين جي روشني ڦيلائڻ ۽ ماڻهن کي اسلامي تعليمات سان واقف ڪرڻ جي لاءِ ان شعبن ۾ هڪ شُعبو''المدينہ لائبريري''بہ قائم ڪيو ويو آهي .جنهن ۾ مُطالَعي جي لاءِ خُوشگوار ماحول، آڊيو، ويڊيو بيانات ۽ مدني مذاڪرا ٻڌڻ ۽ مَدَني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽر وغيره جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي. المدينہ



www.dawateislami.net

لائبريري ۾ مُختلِف مَوضُوعات تي مُشتمِل شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، عُلَماءِ اهلسنت كَثَّرَهُمُ الله تَعَالٰی ۽ اَلمدِينَةُ العِلمِيه جي ڪتابن، رَسالن ۽ VCDs,CDs وغيره رکڻ جي مجلس جي طرف کان طيءِ شده نظام جي مطابق رکڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. اسان ٻه ان سَهولَت کان فائدو حاصل ڪندي علمِ دين جي برڪتن سان مالا مال ٿي سگهون ٿا.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصوو ٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُنتن جي خدمت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان مهيني وارو هڪ مَدَني ڪم، هرمهيني3 ڏينهن جي "مَدَني قافلي ۾ سفر ڪرڻ" ٻه آهي. اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: آئون ۽ منهنجو هڪ انصاري پاڙيسري بنو اُمَيه بن زيد (جي پاڙي) ۾ رهندو هو، جيڪو مديني پاڪ جي اونچائي تي هو، اسان واري واري سرڪارِ والا تَبار، شفيعِ روزِ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا هئاسين، هڪ ڏينهن اهي مدينهء مُنوّره ويندا هئا ۽ واپس اچي ڪري ان ڏينهن جي وحي جو حال مونکي ٻڌائيندا هئا ۽ هڪ ڏينهن آئون ويندو هئس ۽ اچي ڪري انهن کي وحي جي خبر جو حال ٻڌائيندو هئس.

(صَحيح بُخاري ج ١ ص٥٠حديث٨٩)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو عِلمِ دِين سکڻ جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! اسان کي بہ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي (3) ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪرڻ گهرجي. ان جي برڪت سان جتي اسان کي علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو، اُتي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ نصيب ٿيندو. مدني قافلن ۾ سفر جون وڏيون برڪتون آهن، اچو تہ ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## سَنڌن جي بيماري بہ ختم ٿي وئي ۽ بيروزگاري بہ ختم ٿي وئي

هڪ اسلامي ڀائي جي بيان جو خلاصو آهي: منهنجي هڪ طرف بي روزگاري هئي تہ ٻي طرف سَنڌن جي سُور جي پُراڻي بيماري هئي، تنگدستي ۽ شديد سُور جي سبب سخت بيزاري هئي، گهڻو علاج ڪرايو پر ڪجهہ فائدو نہ ٿيو. هڪ اسلامي ڀاءُ انفِرادي ڪوشِش جي ذَرِيعي ذِهن ٺاهيو، جنهن جي برڪت سان مون دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول جي سُنتن جي تربيت جي مَدَني قافلن ۾ سُنتن ڀري سفر جي ترڪيب ٺاهي ورتي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافلن ۾ سُنتن ڀري سفر ۽ عاشقانِ رسول جي شفقت ڀري صحبت جي بَرَڪت سان منهنجي سالن جي پُراڻي سَنڌن جي بيماري بلڪل صحيح ٿي وئي. مَدَني قافلي کان واپسي تي ٻي ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ آيو ۽ انهن مون کي ڪم تي لڳائي ڪري منهنجي روزگار جي ترڪيب بہ ٺاهي ڇڏي. هي بيان ڏيندي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، منهنجو ڪم هڪ ڏينهن بہ بند ناهي ٿيو ۽ سُور بہ ٻيهر موٽي نہ آيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽



www.dawateislami.net

ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْکاۃُ الْمَصابِيح ،ج۱ ص۵۵ حديث ۱۷۵ دارالکتب العلمية بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## سرمو لڳائڻ جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ته دعوتِ اسلامي جي مطبوعه رسالي "101 مدني گُل" مان سُرمي لڳائڻ جا مدني گل ٻُڌون ٿا.

﴿1﴾ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "سيني سرمن مان بهتر سرمو "اِثمِد" آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو". (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مکروه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ﴿3﴾ سرمو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰۃ المناجيح ج 6 ص 180) ﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو.



www.dawateislami.net

(شعب الايمان ج 5 ص 218، 219)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101 مدني گُل)

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافِلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽



www.dawateislami.net

قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[4]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) ڇهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

---

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[5] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،



www.dawateislami.net

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[6]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ائين پڙھندو آھي.[7]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنزِلہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِندَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[8]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

6 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

7 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

8 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لڪندا آهن.[9]

[9] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

**غرائب القرآن** صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net